SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1984

# سنڌ کير جا بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH MILK BOARDS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1963 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXVIII جي دفعه 33 جي ترميم

Amendment of section 33 of West Pakistan Ordinance XXXVIII of 1963

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1984

# سنڌ کير جا بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH MILK BOARDS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[19 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ کير جا بورڊس آرڊيننس، 1963 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ کير جا بورڊس آرڊيننس، 1963 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ کير جا بورڊس آرڊيننس، 1963 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ کير جا بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1963 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس

2. سنڌ کير جا بورڊس آرڊيننس، 1963 جي دفعہ 33 ۾، ذيلي دفعہ (1) ڪانپوءِ، هيٺيون ذيلي دفعہ (1-A) شامل

کيو ويندو:

“(1_A) جتي اهڙو ڪو ڪيس مٿي ڄاڻايل طريقي موجب نوٽيس ڏيڻ ڪانسواءِ داخل ڪيو ٿو وڃي يا ٻن مهينن جو ڄاڻايل عرصو ختم ٿيڻ کان اڳ داخل ڪيو ٿو وڃي، يا جتي درخواستگذار جي شڪايت ۾ اهو بيان شامل نہ آهي تہ اهڙو نوٽيس اهڙيءَ ريت پهچايو يا ڏنو ويو آهي، شڪايت ڪندڙ کي اهڙي معاملي جي ناهہ جي صورت ۾ ڪو معاوضو نہ ڏنو ويندو يا انهيءَ صورت ۾ جڏهن ڪيس جو مامرو پورو ٿئي يا بورڊ يا ٻيو ڪو شخص جنهن جو ذيلي دفعہ (1) ۾ حوالو ڏنل آهي، اهو سمجهي تہ درخواست ڪندڙ جي دعويٰ، ڪيس داخل ڪرڻ جي ٻن مهينن جي اندر آهي:

بشرطيڪ وڏيڪ تہ اهڙي نوٽيس ڪانسواءِ داخل ڪيل ڪنهن ڪيس ۾ سول ڪورٽ بورڊ کي لکت ۾ بيان جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏئي سگهي ٿي، جيڪا ٽن مهينن کان گهٽ نہ هوندي”.

XXXVIII جي دفعہ 33 جي ترميم

Amendment of section 33 of West Pakistan Ordinance XXXVIII of 1963

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**